1. ڊاڪٽر امير علي شاهه
2. ڊاڪٽر ناهيد آرائين

# شاهه لطف الله قادري جي شاعري جو
# حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري تي اثر
# The Influence of Shah Lutifullah's
# Shah Latif's Poetry Thoughts on

## *Abstract*

*The study focuses on the influence of Shah Lutifulla's profound thoughts on Shah Latif's Poetry. This comparative study assumes that Shah Latif's many pieces of poems are under the influential thoughts of Shah Lutifullah's poetry and his ideas. The study applies qualitative research paradigms. As Shah Latif was the descendent of Shah Latufullah Qadree, and had been thoroughly studying his master pieces. The findings of the study suggest that the main concerns of the Shah Lutifullah's poetry are; Theism, Tariqat, spiritual learning, Sharia, Ma'rifa, intuitive knowledge and Shah Abdul Latif's 'Shah Jo Risalo' strongly focuses on 'Oneness of Allah' which is an important element in Shah Lutifullah's poetic works. Shah Latif continues this concept in his other subjects including love, peace, humanity, morality, unity, right path, guidance, uprooting the envy, the beauty of God's attributes among people, the presence of Allah, Al-Haq in man's heart, and everywhere. Shah Latif's major subjects are Toheed, and Risalat, apostleship, and he spread them by means of Sufism and Tariqat. The first Chapter of Shah Jo Risalo is 'Sur Kalyaan' which reflects the oneness of Allah. This study concludes that the focused subject matter of the both great poets is Sufism where we see the concept of self-discovery and introspection.*

جيڪڏهن ڪنهن قوم جي تاريخ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي تہ ان قوم جي ثقافت، تمدن، تهذيب، لوڪ ادب، صوفين ۽ اساسي شاعرن جي فڪر جو مطالعو ڪرڻو پوندو تہ جئين ان قوم جي تاريخ ۽ ثقافت بابت مڪمل ڄاڻ ملي. شاعر هونءَ بہ قومن جي تمدن ۽ تهذيب جا ترجمان هوندا آهن.

1. اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو سنڌي، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد (نوابشاهہ)
2. اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو اسلامڪ اسٽڊيز سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو

سنڌي ڪلاسيڪي شاعري سنڌي قوم جي ٻولي، ثقافت، تاريخ، تهذيب، جمالياتي قدرن، جاگرافي، سياسي شعور ۽ سماجي قدرن جي مختلف پهلوئن جي عڪاسي ڪري ٿي هن مقالي ۾ سنڌي اساسي شاعرن شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۽ فڪر جي هڪ جهڙائي ڪي پرکيندا سين. انهن صوفي شاعرن جو بنيادي محور ٿي انسانيت هو سندن فڪر ۾ ٿي پاڻ سڃاڻڻ جو نظريو هو.

شاعري ۾ روحانيت ۽ تصوف جا ڪيترائي نڪتا ملن ٿا. انهن عظيم صوفي شاعرن جو درجو اعلي آهي، پر فن ۽ فڪر جي لحاظ کان نهايت ئي بلند ۽ مفڪر آهن. سندس عظمت جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي تہ انساني جذبن ۽ احساسن جي لحاظ کان تمثيلون ۽ تشبيهون ڏئي تصوف جي زمرن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس شاعري ۾ ڪائنات جا ڪيترائي مظهر ۽ موضوع سمايل آهن. انهن درويشن دنيا جي ذري ذري کي ڏاڍي ڪاريگري ۽ ڏاهپ سان پنهنجي فڪر ۾ محفوظ ڪيو آهي.

شاهہ لطف الله قادري جو زمانو 1611ع کان 1679ع تائين ۽ شاهہ سائين جو زمانو 1689ع کان 1752ع جو هو يعني شاهہ لطف الله قادري شاهہ سائين کان اڳ جو صوفي شاعر ٿي گذريو هو پر شاهہ عبداللطيف هن صوفي بزرگ جي فڪر کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو ان جي ڪيترن ئي فڪري پهلوئن کي پنهنجي تمثيل، تشبيهن ۽ جمالياتي عڪس ذريعي شاعري ۾ موضوع بنايو.

شاهہ لطف الله قادري پنهنجي فڪر ۾ ڪنهن داستان ۽ قصي جي عڪاسي نہ ڪئي آهي، پر خاص مضمون کي بيان ڪيو آهي ۽ پنهنجي بيتن ۾ سلوڪ ۽ طريقت جي رمزن کي پنهنجي عارفانہ فڪر جي روشني ۾ سمجهايو اٿس.

"سائي صورتَ سيرَت سڄڻين، سوئي حُسن ڪَمالُ،
سائي ذات ظرافت پري جي، سوئي سو جمال،
سوئي ظَاهَر، باطِنُ سو، سوئي سو خيال،
سڀ سپوئي حالُ، اونهائي، اُنتُ ناهِ ڪو ."ص:44

شاهہ لطف الله قادري جو شاهہ سائين تي ايڏو تہ اثر هو جو پاڻ ان ئي ساڳئي تصور کي هن طرح بيان ڪن ٿا. تعريف فقط حقيقي ذات مالڪ جي آهي سندس ڪوبہ ثاني نہ آهي. هو وڏو مان ۽ شان وارو آهي، پاڻ ۾ ئي پرين جو روپ پسجي ٿو.

"پاڻِهين جَل جَلالہ، پاڻِهين جانِ جَمال،
پاڻِهين صورت پرينءَ جي، پاڻِهين حسُنُ ڪَمال،
پاڻِهين پيرَ مُريدُ ٿئي، پاڻِهين پاڻ خِيالُ،
سَڀُ سَپوئي حال، منجهان ئِي مَعلومُ ٿئي"
(ڊاڪٽر بخش خان بلوچ، شاهہ
جو رسالو،2009ع، ص:48)

رب پاڪ پاڻ ئي وڏو سونهن وارو آهي، هو پاڻ ئي خيال آهي. اهي عڪس ئي سندن نروار ٿين ٿا. اهو سمورو جمال ۽ حال اندر مان ئي ڳولي ۽ پسي سگهجي ٿو. شاهه لطف الله قادري فرمائي ٿو ته:

"سوئي مُحِب، محَبوبُ سو، سائي سا مَحَبَتَ،
پَسي ڪَينُ پرِي ري، سيوئي وحَدَتَ،
سدا سي ثابتَ، پيهي جن پروڙئو."ص:41

هو عاشق، سپرين ۽ محبت ڪندڙ پاڻ ئي آهي، هر هنڌ ان يار جي وحدت جو جلوو آهي.

ساڳيوئي خيال شاهه سائين وٽ هن طرح ملي ٿو.
"پاڻِهين پَسي پاڻ کي، پاڻِهين ئي مَحبُوبُ،
پاڻِهين خلقي خُوبُ، پاڻِهين طالِبُ تن جو"
(ڊاڪٽر بلوچ صاحب، شاهه
جو رسالو، 2009ع، ص381)

مطلب ته هو سپرين پاڻهي آهي، هو پاڻ ئي خوبصورت ۽ سهڻيون شيون خلقي ٿو ۽ خود ئي ان جو طالب بڻجي ٿو.

"باري تعاليٰ جي پلن پانهن دنيا جي رمزن ۽ زخرف کان پاسو ڪري، زاهد ۽ رياضت جو رستواختيار ڪيو. ويتر جو بنواُميہ جي ڏينهن ۾ عيش عشرت ۽ بدڪاري وڌي وئي، تنهنڪري سچا مسلمان شهري زندگيءَ کان گوشو ڪري، تنهائي ۾ گذارڻ لڳا. اهڙي طرح رفتي رفتي زاهد ۽ عابد ڦري صوفي ٿي پيا. جن پنهنجو سارو ڌيان باطن جي صفائي ۽ الاهي عبادت تي صدق ڪيو"(1)

شاهه لطف قادري فرمائي ٿو ته:

"سوئي سلطان، شاهه سو سوئي پيڙهي راءِ،
سوئي حڪم هلائي عالم ۾ سوئي ڏيکاريندڙ راهه
سوئي اٿياريندڙ وهاري سوئي سوئي سيريندڙ ساهه
'الا غيري ولا انا غيره' اي هي پري الاهه،
روح رڳو ۽ ساهه، سڀ ڳالهه هيڪڙي ."ص:37

پرين پاڻ ئي بادشاهه ۽ وڏي جمال وارو آهي، سوئي پيڙا ڏيندڙ آهي، ڏک به سندس پاران آهن. لاهيندڙ به پاڻ ئي آهي، اهو ئي حقيقي سائين دنيا ۾ حڪم هلائيندڙ ۽ راهه به ڏيکاريندڙ آهي، سچو سائين رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. شاهه عبداللطيف وٽ ساڳيوئي فلسفو هن ريت آهي:

"سوئي راهه رد ڪري، سوئي رهنماء،
وَتُعِزِّ مَن تَشَاءُ، وتذل من تشاءُ"
(ڪلياڻ آڏواڻي، ص:50)

حقيقي ذات ئي رستو رد ڪندڙ ۽ اهوئي راهه ڏيکاريندڙ آهي، جنهن کي چاهي عزت ۽ ذلت وارو ڪري. پٺائي گهوٽ جو وري هي بيت ڏسو:

"رڳون تيون رباب، وڄن ويل سيڪهين،
لڇن، ڪڇن ڪينڪي جانب ري جواب،
سوئي سنڌيدم سپرين، ڪيس ڪنهن ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي"
(ڊاڪٽر بلوچ شاهه جو رسالو 2009ع ص:66)

منهنجي تن ۽ من جون سڀ رڳون رباب جي ساز وانگر وڄن ٿيون ۽ اهي هر وقت سورن ۽ دردن ۾ پيون لرزن ۽ تڙڦن پر سپرين ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن سان سور سلڻ لاءِ تيار ئي ناهن اسان لاءِ اهو ئي سپرين ڏک ۽ دردن جو سبب به آهي ته ساڳئي وقت روح جي راحت به آهي.

"حق جي ڳولا ۾ تصوف هڪ زبردست جذبو همت ۽ استقامت پيدا ڪري ٿو تصوف انسان ۾ هڪ زبردست شعور پيدا ڪري غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪري ٿو پنهنجي اصليت کان اگاهه ٿو ڪري نه ته ٻي صورت ۾ انسان ڪٺي ڪيترو به قابل هجي ان کي نه پنهنجي خبر آهي نه منزل جي نه رستي جي ۽ نه ڪائنات جي رازن جي"(2)

شاهه لطف الله فرمائي ٿو ته:

"جن ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان جان سو نه پسن
ورهه ورهه وهامي راتڙي' تان تان سناسين."ص:66

جيڪڏهن تون سچو پچو جوڳين جو گس اختيار ڪرين ٿو ته پهرين هر قسم جي لالچ کي ترڪ ڪر' نوڙت اختيار ڪري غلامن جو به غلام ٿي ڏيکار بلڪ ساڳئي مقصد ۽ موضوع کي لطيف سرڪار سر رامڪي ۾ بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

"جي پائين جوڳي ٿيان ته ڪِينَ پيالو پيءُ،
نانه نِهارِي هٿ ڪري آئون اُتِ نه ٿيءُ،
ته سندو وحَدَتَ ويءُ طالب توڙا ماڻين."
(ڊاڪٽر بلوچ' جامع ۽ مستند شاهه
جو رسالو' 2009ع ص:312)

طالب ته فنا جو پيالو پي پنهنجي خودي کي ختم ڪن ٿا ۽ وحدت جي ويءُ ۾ گهڙي ان جو مزو ماڻن ٿا.

هڪ ٻئي هنڌ شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

"جي ڀانئين جوڳي ٿيان ته سڱ سيئي ٽوڙ
جي چاوا نه چاپندا، جي تنين سي جوڙ
ته ٿون پهچين توڙ محبت جي ميدان ۾"
(ڪلياڻ آڏواڻي 1997ع ص 415)

جوڳي لوڪ سان ناتا ٽوڙين ٿا اهي ڄمڻ ۽ مرڻ کان آزاد آهن محبت جي گس ۾ وڃي آخري ۽ حقيقي منزل تي رسن ٿا.

"ڪائنات ۾ ڪا به شي مفرد ناهي ۽ نه ڪنهن مفرد شي جو تصور انساني ذهن ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو. جيستائين ڪا صورت ناهي اوستائين ان جو خيال ۾ اچڻ محال آهي انڪري جيڪڏهن باري تعالي جي ذات پاڪ ڪائنات جي شين وانگر هجي ها ته انهن وانگر اسان جي تصور جي دائري ۾ اچي سگهي ها -اها هڪ مجرد حقيقت آهي جيڪا اسان جي عقل ۽ فهم قياس وهم کان بالاتر آهي."(3)

سپرين هر هڪ روپ ۾ سمايل آهي ۽ اصل صورت ۾ پاڻ ائي ظاهر آهن.

مطلب ته ڏٺي انسان جي وجود کان جدا ناهن ۽ نه ائي حقيقي ذات پڻ الڳ آهي.

شاهه لطف الله قادري فرمائين ٿا ته:

"هيڪوئي هيڪ ٿئو وئو سڀ وجود،
پسن ڪين پري ري جيڪين ڪري سجود،
اذا تجلي اللهُ خضع لهٔ ڪُلُ شيءِ ، اوءِ ٿئا نسورا نابود،
هي جي مڙوئي مقصود، اسم نه اجهي اُن کي."ص:6

ساڳئي عڪس ڀٽائي گهوٽ وٽ هن طرح آهي:

"جن وِڃايو وجُودُ سي فاني ٿيا في الله ۾،
نه تن قيامُ نه قُعوُدُ ۾ نه ڪوڪين سُجوُدُ،
جيلان ٿيا نابُودُ، تيلان گڏيا بود کي."
(ڪلياڻ آڏواڻي رسالو شاهه
عبدالطيف 2004ع337 ص)

مطلب ته جن پنهنجي وجود کي فنا ڪيو سي وڃي سپرين سان مليا اهي نماز ۽ سجدن کان آزاد آهن ٻنهي عظيم ۽ ڪلاسڪل شاعرن ۾ مذهب توڙي سماجي ماحول جي باوجود خيال نطريه ۽ اظهار ۾ ڪيڏي نه هڪجهڙائي آهي. شاهه لطف الله قادري فرمائي ٿو ته:

"جيجان جوڳيئڙن جيون، مڙهيون مون مارين
او وٺا راول نڪري، سور سدائين ڏين

اندر تن آديسين کي، آڌ اڌمئا آهن
سي وٺا رڃن ووڙين، من جني کي وڏئو."ص:70

جوڳي جدائي ڏئي لڏي هليا ويا سندس سنياسي منهنجي دل کي پنهنجي صحبت جو ساءُ چکائي ويا يعني تہ قلب کي قابو ڪري ويا. ساڳيو ئي فڪر شاهہ سائين وٽ هن ريت آهي:

"اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آ ديسي اٿي ويا مڑهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا"
(ڪلياڻ آڏواڻي 2004ع ص 388)

جوڳي درد ۽ فراق ڏيئي هليا ويا جيڪي جيءَ کي جيارينڌڙ سي لاهوتي بہ هتي ناهين سي ئي روحاني رهبر هئا. شاهہ لطف الله قادري چوي ٿو:

"ڪي هلئا وٽڪوٽ ڏونهہ ڪي ڪهئا ڏونهہ قنڌار
جوڳي وجهي هلئا جيءَ پنهنجي جار
اندر تن آديسين آپر لڳي آر
اوءِ وجهي جيءَ جنجار وٽا نانگا نڪري."ص:64

انهيءَ فڪر کي شاهہ صاحب هن طرح بيان ڪيو آهي:

پڳهہ پاسي پچ آيل ! ساموندرين جي،
وجهيءَ جيءَ جنجار،جمر وڃني اوهري.

هڪ ٻي هنڌ شاهہ صاحب فرمائن ٿا تہ:

پڳہ پاسي پچ آيل ! ساموندرين جي،
من ۾ ٻاري مچ، جمر وڃني اوهري.
(بلوچ صاحب، شاهہ جو رسالو 2009ع،ص 104)

تون لنگر ٻڌڻ جي رسيءَ پر ۾ وجي گڏار ۽ انهن جي درد ۽ سور ۾ پچ ، هو تنهنجي تن ۽ من ۾ محبت جي آگ اٿاري پيڙي هاڪاري هليا ويا. شاهہ لطف الله قادري جو هي بيت ڏسو:

تون اوڏو سيني آهي، هندو تو هين ساڻ
اي ڳجهي آهي ڳالهڙي، پيهي پروڙج پاڻ
وَنَحنُ اَقرَبُ اِليہِ مِنُ حَبلِ الوَرِيدِ. آهي اِيءَ اهڃاڻ
منجهہ منهجين ماڻ، لکي لوڪ نہ سگهيو.
(ص 35)

حقيقي محبوب جو ديرو تو ۾ ئي آهي،پر تون پيو ان کي ٻي ڳولين ؟ رب پاڪ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو تہ:

اسين هن کي سندس ڳجهيءَ جي رڱڻ کان بہ ويجهو آهيون يعني هو ذات سڀ ۾ سمايل آهي ۽ سيني شين جي چوگرد عڪس آهي.

حقيقي ذات کي ڳولهڻ لاءِ مجازي علم رکندڙ عالمن ماڻهن کي اهڙو منجهائي ڇڏيو آهي جو اهي اصل مقصد کان پري ٿي ويا آهن هو ذات جيڪا ساهہ پساهہ ۾ موجود آهي،اهي انهن کي لوچيندي بہ نٿو لڀي پر هو هستي هر هنڌ حاضر ناظر آهي. ڀٽائي سرڪار فرمائين ٿا تہ:

جن کي دور درد جو سبق سور پڙهن
فڪر ڦرهي هٿ ۾ ماٺ مطالع ڪن
پنو سو پسن جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.
وسريئو ۾ سبق،پهرين ستر نہ سنپران،
اجان هيءَ ورق مون مطالع نہ ٿئو

هڪ ٻئي هنڌ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٿان ڏوهہ چڙهن جئن ورق وترا پترا
(ڊاڪٽر بلوچ،شاهہ جو رسالو 2009ع،ص:72)

شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مطالعي مان تصوف جي مختلف فڪري تڪتن جي ڄاڻ ملي ٿي ۽ انهن صوفي شاعرن جي خيال ۽ بيان جون هڪ جهڙايون اهو ثابت ڪن ٿيون تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شاهہ لطف الله قادري جي فڪر کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ سندس خيال کي پنهنجي شاعر بنياد بنايو آهي يعني اهي ٻئي اساسي شاعر پنهنجي پنهنجي دور جا هڪ ٿي گس جا پانڌيڙا آهن. ٻنهي واحد حقيقي ۽ حقيقي سپرين کي ڳولڻ ۽ پسڻ جو ساڳيو ٿي پنهنجي شاعري ۾ اظهار ڪيو آهي ۽ پاڻ ساڳئي حقيقي عشق ۾ مبتلا هئا ٻئي نظريہ تصوف ۽ ويدانيت جا پرچارڪ هئا.

## حوالا:


1. دائود پوٽو علام عمر بن، مضمون ۽ مقالا، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1978ع، ص: 145
2. پرڳڙي عبدالغفور، زندگي جو سفر (رومي شاهہ ۽ اقبال)، شاهہ عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، 2000ع، ص: 258
3. دائود پوٽو علام عمر بن، مضمون ۽ مقالا، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز، حيدرآباد 1978ع، ص: 145


## نوٽ:

مقالي ۾ آيل شاهہ لطف الله قادري جا بيت، بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام، انسٽيٽيوٽ آف سنڌلاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري تان ورتل آهن.